قرآني بيان

# اعليٰ حضرت جو كامل ايمان

(پارو :28، سورة المجادله:22)

**15-August-2025**

مدني مراكز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

## جمعة المبارک جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
15 آگسٽ 2025ع (اسلامي تاريخ 20 صفر شريف 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

پارو:28، سورة المجادلہ: 22

# اعليٰ حضرت جو ڪامل ايمان

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- اعليٰ حضرت ۽ تائيدِ رَبّاني ..........
- جهاز ٻُڏڻ کان بچي ويو (واقعو) ........
- موجوده دور جو سڀ کان وڏو مسئلو ..
- ڇا منهنجي دُشمن سان دُشمني ۾ رکي.....؟

پيشڪش

المدينة العلمية

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم: مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِيْ يَوْمِ الْجُمُعَةِ وَلَيْلَةِ الْجُمُعَةِ مِائَةَ مَرَّةٍ، قَضَى اللهُ لَهُ مِائَةَ حَاجَةٍ، سَبْعِيْنَ مِنْ حَوَائِجِ الْآخِرَةِ وَثَلَاثِيْنَ مِنْ حَوَائِجِ الدُّنْيَا۔ جيڪو شخص مون تي جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن **100** ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، اللّٰه پاڪ ان جون **100** حاجتون پوريون فرمائيندو، **70** آخرت جون ۽ **30** دنيا جون.(1)

وِرد جس نے کیا درود شریف | اور دل سے پڑھا درود شریف
حاجتیں سب روا ہوئیں اس کی | ہے عجب کیمیا درود شریف(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (اللّٰه پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي):

اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَ اَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ط (پارو: **28**، المجادلہ: **22**)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

---

1...شعب الايمان، باب فی الصلوات، فضل الصلاۃ علی النبی...الخ، جلد:3صفحہ:111، حدیث:3035۔

2...کافی کی نعت، صفحہ:40۔

ترجمو ڪنزالعرفان:هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ اعليٰ حضرت، شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ گذريل صديءَ جا تمام وڏي رُتبي وارا بزرگ آهن. ۞ پاڻ سُنين جا امام آهن ۞ حق جي سڃاڻپ آهن، سندن بابرڪت ذات دنياءِ اسلام جي لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي ۞ جڏهن غير مسلم (*Non-Muslims*)اسلام جي خلاف سازشون ڪري رهيا هئا ۞ بدمذهبي زور پڪڙي رهي هئي ۞ بدعتون عام ٿي رهيون هيون ۞ مَعَاذَ الله! قرآني آيتن جي معنيٰ کي بدلائڻ جون ناپاڪ ڪوششون ٿي رهيون هيون ۞ اسلامي تعليمات (*Islamic Teachings*)کي بدلائڻ جي جرئت ڪئي پئي وئي ۞ اهڙن فتنن جي دور ۾، الله پاڪ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي صورت ۾ اسلام کي هڪ عظيم نعمت سان نوازيو، **اعليٰ حضرت** رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ **مجدد بڻجي تشريف کڻي آيا** ۽ اَلۡحَمۡدُ لله! ۞ پاڻ فتنن کي پَاڙَئُون پَٽي (يعني فتنن جو رَدُ فرمايو) اُڇلايائون ۞ غير مسلمن جي سازشن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو ۞ بدمذهبيءَ جو زور ٽوڙيائون ۞ بدعقيدگيءَ جو خاتمو ڪيائون ۞ اصل اسلامي عقيدن جي صحيح تشريح فرمايائون ۞ اسلامي عقيدن تي ۞ اسلام جي اعليٰ تعليمات تي ۞ قرآن جي عزت ۽ حرمت تي ۞ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ ناموس تي پهرو ڏنائون ۞ بدعتن کي ختم ڪيائون ۞ سنتن کي عام ڪيائون ۞ معاشري (*Society*) جي اصلاح فرمايائون ۞ ماڻهن کي عشقِ رسول جا جام ڀري ڀري پيارايائون ۽ ۞ اَلۡحَمۡدُ لله! فتنن کي ختم ڪري دين جو پرچم بلند ڪري ڇڏيائون.

تُو نے باطل کو مِٹایا اے امام احمد رضا! | دِین کا ڈَنکا بَجایا اے امام احمد رضا!

| | |
|---|---|
| زورِ باطِل کا، ضَلالت کا تھا، جس دَم ہند میں | تُو مجدِّد بَن کے آیا، اے امام احمد رضا! |
| اہلِ سنّت کا چمن سر سبز تھا، شاداب تھا | تازگی تُو اور لایا، اے امام احمد رضا! |
| تُو نے باطِل کو مِٹا کر دِین کو بخشی جِلا | سنّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمد رضا!(1) |

**25** صفر شريف تي سندن يوم عرس ٿيندو آهي، اَلْحَمْدُلله! عاشقانِ رسول ڏوم ڏام سان پنهنجي امام، امامِ اهلسنت سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عرس پاڪ ۾ خوشيون ملهائيندا آهن. الله پاڪ پنهنجي وليءَ ڪامل سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي صدقي اسان سڀني تي رحمت جي نظر فرمائي، اسان کي عشق رسول جي دولت نصيب ٿئي، فتنن واري هن دور ۾ ايمان تي استقامت (*Persistence*) ۽ آخرت ۾ بغير حساب جي جنت ۾ داخلا نصيب ٿي وڃي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

| | |
|---|---|
| کیا خُوب اہتمام ہے، کیا اِنصرام ہے | یومِ رضا ہے چاروں طرف دُھوم دھام ہے |

اچو ته قرآن ڪريم جي هڪ آيت ڪريمه جي روشنيءَ ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرت پاڪ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

## آيتِ ڪريمه جي مختصر وضاحت

اسان شروعات ۾ پارو: **28**، سُوْرَۃُمُجَادَلَة جي آيت: **22** جو ڪجهه حصو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اُولٰٓىٕكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ (پارو: 28، المجادله: 22) | ترجمو كنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي. |

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:525۔

هي ڪامل ايمان وارن، بلند مَرتبي وارن عاشقانِ رسول جي شان جو بيان آهي. هن جاءِ تي ٻہ ڳالهيون ارشاد فرمايون ويون آهن: **(1):** جيڪي بلند مرتبي وارا عاشقانِ رسول هوندا آهن، رب ڪريم انهن جي دلين تي ايمان نقش فرمائي ڇڏيندو آهي. **(2):** پنهنجي طرف کان هڪ روح (مثال طور روح القدس حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام) جي ذريعي، انهن جي خاص مدد ۽ تائيد فرمائيندو آهي.[1]

## سيرتِ رَضا جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آيت ڪريمہ جو اهو حصو آهي، جنهن مان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي تاريخ ولادت ورتي وئي آهي، يعني سندن ولادت جو سال **1272ھ** آهي ۽ آيتِ ڪريمہ جي هن حصي جا اعداد پڻ **1272** آهن.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي سيرتِ پاڪ ڪي ڏسون تہ هن آيت ڪريمہ جو پورو پورو فيضان سندن ذات ۾ نظر اچي رهيو آهي. جيڪڏهن چيو وڃي تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي **68** سالن جي مبارڪ زندگيءَ کي هڪ لائين ۾ بيان ڪيو! تہ پوري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ:

| | |
|---|---|
| اُولٰٓىٕكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُؕ (پارو: 28، المجادلہ: 22) | ترجموڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ اللّٰه ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي. |

يعني اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه انهن پاڪ هستين مان هڪ آهن، جن جي دلين تي اللّٰه پاڪ ايمان نقش ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي خاص مدد ۽ تائيد فرمائي آهي.

1... تفسير قرطبی، پاره:28، المجادلہ، زيرِ آيت:22، جلد:9، جز:17، صفحہ:192 ملتقطاً۔

اَلْحَمْدُ لله! هي ٻئي وصف **(1): مضبوط ايمان (2): تائيد رَباني** (يعني الله پاڪ جي خاص مدد ۽ نصرت) سندن سيرت پاڪ ۾ گڏوگڏ نظر اچي رهيا آهن. توهان هيءَ آيتِ ڪريمه پنهنجي ذهن ۾ ويهاري پوءِ **حياتِ رضا** جي باري ۾ پڙهڻ شروع ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هڪ هڪ صفحو پڙهندا ويندؤ، هن آيتِ ڪريمه جو فيضان سندن ذات پاڪ ۾ ڏسندا ويندؤ.

## اعليٰ حضرت ۽ تائيدِ رَبَّاني

۞ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عمر مبارڪ صرف **4** سال هئي، اسان وٽ عام طور تي **4** سالن جي ٻار کي صحيح نموني ڳالهائڻ به نه ايندو آهي، عام طور تي ٻار ايتري عمر ۾ ٻاتو ڳالهائيندا آهن، بلڪ ڪجهه ته هن عمر ۾ فيڊر به پيئندا آهن، پر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **4** سالن جي عمر مبارڪ ۾ ناظره قرآن ڪريم مڪمل ڪري چڪا هئا. ۞ اڪثر **6** کان **7** سالن جي عمر ۾ ٻارن جا ڪير وارا ڏند پڄڻ شروع ٿيندا آهن، پر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ايتري ننڍي عمر ۾ ڀريل مجلس ۾ عُلماء ۽ مشائخ جي موجودگيءَ ۾ تقرير فرمائي رهيا هئا ۞ **8** سالن جو ٻار هجي، ان کي جيڪڏهن ڪٿي ساڄي وني وڃڻو هجي ته ڪيس چڱيءَ طرح سمجهائڻو پوندو آهي، ته پٽ! اتي وڃي هِي نه ڪجان، هُو نه ڪجان، پر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عمر مبارڪ جڏهن **8** سال هئي، ته ان وقت پاڻ درسِ نظاميءَ ۾ پڙهايو ويندڙ عربي ڪتاب تي، عربي زبان ۾ حاشيو لکي رهيا هئا.[1] ۞ **13** سال **10** مهينا ۽ **4** ڏينهن جي عمر مبارڪ ۾ پاڻ پهرين فتويٰ لکيائون ۽ باقاعده مفتيءَ جي مَسنَد تي تشريف فرما ٿيا.[2]

۞ **22** سالن جي عمر مبارڪ ۾ پاڻ شاهه آلِ رسول رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾

---

1... فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحہ:85و 86 ملتقطاً خلاصۃً۔

2... حیات اعلیٰ حضرت، صفحہ:171۔

بيعت لاءِ حاضر ٿيا. شاھ آلِ رسول رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو انداز مبارڪ اهو هو ته جيڪو به بيعت لاءِ ايندو هو، ان کي سالن جا سال مجاهدا ۽ رياضتون ڪرائيندا هئا، پر قربان وڃجي! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **22** سالن جا نوجوان آهن، جڏهن شاھ آلِ رسول رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ پهتا ته پاڻ ڏسندي ئي فرمايائون: اچو! اسان ته ڪيترن ڏينهن کان اوهان جو انتظار ڪري رهيا هئاسين.[(1)] پوءِ پهرين ئي ملاقات ۾ پاڻ پنهنجي هُونَهار ۽ نئين مريد کي خلافت به عطا فرمائي ڇڏيائون. ٻيا مريد حيران هئا ته هن آستاني تان خلافت حاصل ڪرڻ ايترو آسان نه آهي، ڪيترائي سال محنت ڪرڻي پوندي آهي تنهن کانپوءِ وڃي اها نعمت ملندي آهي، احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تي ايڏي وڏي ڪرم نوازي ڇو ڪئي وئي آهي؟ جڏهن پير صاحب کان ان جي حڪمت پڇا ڪئي وئي ته سندن اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، پوءِ فرمايائون: اي انسانو! توهان احمد رضا کي نه ٿا سڃاڻو...! وڌيڪ فرمايائون: مان فڪرمند هئس ته جيڪڏهن الله پاڪ قيامت جي ڏينهن فرمايو: اي آلِ رسول! تون دنيا مان اسان جي لاءِ ڇا ڪٺي آيو آهين؟ ته مان ڪهڙو جواب ڏيندس. اَلۡحَمۡدُ لِله! اڄ اهو فڪر دور ٿي ويو. هاڻي جيڪڏهن الله پاڪ مون کان پڇيو ته آلِ رسول! دنيا مان ڇا ڪٺي آيو آهين؟ ته مان مولانا احمد رضا کي پيش ڪري ڇڏيندس.

روزِ محشر اگر مجھ سے پوچھے خُدا | بول آلِ رسول تُو لایا ہے کیا
عرض کر دوں گا لایا ہوں احمد رضا | یاخُدا یہ امانت سلامت رہے

مسلکِ اعلیٰ حضرت سلامت رہے

شاھ آلِ رسول رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمايو: (اي انسانو! ٻڌو...!) ٻيا ماڻهو زنگ لڳل دل کڻي ايندا آهن، انهن کي تيار ڪرڻو پوندو آهي، احمد رضا صاف شفاف دل کڻي بلڪل تيار تيل آيا آهن، انهن کي ته صرف نسبت جي ضرورت هئي.[(2)]

---

1...فيضان اعلیٰ حضرت، صفحه:316۔

2... فيضان اعلیٰ حضرت، صفحه:317خلاصةً۔

اللّٰہُ اکبر! اي عاشقان رسول! اندازو لڳايو! دل جي مڪمل پاڪيزگي، ڪامل صفائي گھرجي تہ صوفياءِ ڪرام فرمايو آھي: ان جي لاءِ **80** سالن جي محنت جي ضرورت آھي.[1] پر ھتي ھڪ **22** سالن جو نوجوان وقت جي وڏي رتبي واري وليءَ ڪان اجازت ۽ خلافت حاصل ڪري رھيو آھي، پيرِ ڪامل جو مرتبو ماڻي رھيو آھي، اھا اللّٰه پاڪ جي خاص مدد ۽ عنايت نہ آھي تہ پوءِ ٻيو ڇا آھي ...؟

بولے مرشد یہ مُصَفّٰی قلب لے کر آئے ہیں | یہ تو زُہدو اتِّقا کے بَن کے پیکر آئے ہیں
دل اگر مَیلا رہے تو ہے صفائی ناگُزیر | اِن کا دل ہے پاک اور روشن ہے پہلے سے ضمیر
صرف نسبت کی اِنھیں حاجت تھی نسبت مِل گئی | غوثِ اعظم کی غُلامی کی سعادت مِل گئی

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡہ جي زندگيءَ مبارڪ جو ھي بہ ڪمال آھي تہ پاڻ **105** علمن تي ڪامل مھارت رکندا ھئا ۽ اھا بہ اھڙي جو زماني جا وڏا وڏا عُلماء ۽ مشائخ پَري پَري ڪان اچي سندن شاگردي اختيار ڪندا ھئا. جڏھن پاڻ ٻيو دفعو حج جي لاءِ ويا تہ ڏُورانھن علائقن ڪان آيل عرب عُلماء ڪانئن عِلمِ حديث جي اجازت وٺي رھيا ھئا. ھڪ دفعي ھڪ عرب عالم سفر ڪري سندن خدمت ۾ بريلي شريف آيو ۽ شاگردي اختيار ڪيائين. پاڻ اھڙي مھارت رکندا ھئا ۽ اھا مھارت صرف ھڪ علم ۾ نہ پر **105** علمن ۾ ھئي. اھو زبان سان چوڻ ۽ ٻڌڻ آسان آھي، جيڪي ماڻھو *Ph.D* ڪندا آھن، انھن ڪان پڇي ڏسو! *Ph.D* ڪندي ڪندي ماڻھوءَ جا وار اڇا ٿي ويندا آھن، شايد *Ph.D* جي ڪلاس ۾ ھڪ بہ شاگرد **30** سالن ڪان گھٽ عمر وارو نہ ملي سگھي. اھا ھڪ علم ۾ *Ph.D* ڪرڻ جي عُمرِ آھي، مگر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡہ جو شان ڏسو! ھڪ نہ پر **105** علمن ۾ اھڙي مھارت رکڻ وارا آھن، جڻ تہ ھر علم ۾ الڳ

1...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:59۔

الڳ *Ph.D* ڪيل هجي. صرف **68** سال دنيا ۾ گذارڻ وارو شخص ايترن علمن تي اهڙي ڪمال مهارت ڪيئن حاصل ڪري سگهي ٿو؟ عقل حيران ٿي وڃي ٿو، آخر اهو ئي چوڻو ٿو پوي ته سندن مٿان الله پاڪ جي خاص عنايت ۽ مهرباني هئي، نه ته اهڙا ڪارناما سرانجام ڏيڻ الله پاڪ جي خاص مدد کان سواءِ ممڪن ئي نه آهن.

## اعلي حضرت جو ايمانِ ڪامل

هاڻي ٿورو سندن ايمانِ ڪامل کي ڏسو! پاڻ فرمائن ٿا: جيڪڏهن منهنجي دل جا ٻه ٽڪرا ڪيا وڃن ته هڪ تي لَااِلٰهَ اِلَّا الله ۽ ٻئي تي مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله لکيل هوندو. (1)

خُدا ایک پر ہو تو اِک پر مُحَمَّد | اگر قلب اپنا دو پارا کروں میں (2)

سُبْحٰنَ الله...!!چا شان آهي سندن ڪامل ايمان جو. هُونئن ته پاڻ تمام گهڻي عاجزي ڪرڻ وارا هئا، پر هن موقعي تي تَحديثِ نعمت جي لاءِ جڻ پاڻ ٻڌائي رهيا هئا ته مون تي رب رحمٰن جو انعام آهي جو منهنجي دل تي ايمان نقش ڪيو ويو آهي.

## مان سِتارا ٻڌائڻ واري کي ڏسي رهيو آهيان

هي واقعو تمام گهڻو مشهور آهي، هڪ دفعي هڪ شخص حاضر ٿيو، جيڪو علمِ نجوم ۾ وڏي مهارت رکندو هو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان کان پڇيو: ٻڌايو ته مِينهَن جو ڪهڙو انداز آهي؟ ڪڏهن وَسَندو؟ نجومي صاحب پنهنجي علم موجب لڪيرون وغيره ڪڍيون، زائچو ٺاهيو، سمورو حساب لڳائڻ ڪانپوءِ چيائين: هن مهيني ۾ مِينهُن نه آهي، ايندڙ مهيني وَسَندو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڏي اطمينان ۽ يقين سان فرمايو: الله پاڪ کي سڀ قدرت حاصل

---

1...سوانح امام احمد رضا، صفحه:94۔
2...سامانِ بخشش، صفحه:153۔

آهي، هو چاهي تہ اڄ ئي مينهن وَسِي سگهي ٿو. نجومي صاحب کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، چيائين: اِهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ توهان بہ تہ علمِ نجوم جي ڄاڻ رکو ٿا، ستارن جي چال ڪي تہ ڏسو!

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪيس سمجهائڻ لاءِ آسان انداز اختيار ڪيو، سامهون گهڙيال لڳل هو، پاڻ پڇا ڪيائون: ٻڌايو! هن وقت ڪيترو ٽائيم ٿيو آهي؟ نجومي صاحب چيو: سوا يارنهن. پڇيائون: **12** ٿيڻ ۾ ڪيتري دير آهي؟ نجومي وراڻيو: اجان مُنو ڪلاڪ آهي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اٿيا، هٿ سان وڏي سُئِي کي گهمايائون، فوراً **12** ٿي ويا. پاڻ فرمايائون: توهان تہ چيو ٿي تہ مُني ڪلاڪ ڪانپوءِ **12** ٿيندا، هي تہ هاڻي ئي ٿِي ويا. نجومي صاحب چيو: هِي تہ توهان سُئِي کي گهُمايو آهي، نہ تہ، نہ ٿين ها. فرمايائون: مان بہ تہ اهو ئي چئي رهيو آهيان، توهان ستارن کي ڏسي رهيا آهيو، مان ستارن کي ناهڻ واري جي قدرت کي ڏسي رهيو آهيان، هُو جنهن سِتاري کي جيئن چاهي گهمائي ڇڏي، اهو رب قادر ۽ قيوم چاهي تہ هڪ مهينو تہ پري جي ڳالهہ آهي، هاڻي جو هاڻي هن وقت ئي مِينهُن وَسِي سگهي ٿو. بس سندن زبان مبارڪ مان ايترو نڪرڻو هو تہ ڪَڪَر ڇانئجي ويا ۽ مِينهُن وسڻ شروع ٿي ويو. (1)

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي:

أُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيۡ قُلُوۡبِهِمُ الۡاِيۡمَانَ وَ اَيَّدَهُمۡ بِرُوۡحٍ مِّنۡهُ ؕ (پارو: 28، المجادلہ: 22)

ترجموڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

جو فيضان...!! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪهڙا نہ ڪامل ايمان وارا هئا، پاڻ سِتارن تي نہ بلڪ سِتارا ٺاهڻ واري جي قدرت تي نظر فرمائي رهيا آهن، ساڳئي وقت الله پاڪ جي خاص تائيد ۽ مدد ڏسو! هيڏانهن سندن زبان مبارڪ مان الفاظ ادا ٿيا، هوڏانهن مِينهُن وسڻ شروع ٿي ويو.

1...فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:132۔

## اي الله! طبيب کي ڪُوڙو ۽ حبيب کي سَچو ڪرڻ فرماءِ

هڪ دفعي ائين ٿيو جو هندستان ۾ طاعون جي بيماري پکڙجي وئي، اهو هڪ تمام خطرناڪ ۽ مُوذِي مرض آهي. انهيءَ دوران اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه بہ بيمار ٿي پيا. سخت بخار، ڪنن جي پويان ڳوڙهيون ۽ مَهارُون سُڄي ويون، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ کائڻ پيئڻ مشڪل ٿي ويو. طبيب کي گهرايو ويو، هن معائنو ڪيو ۽ چڱيءَ طرح سارسنيال کان پوءِ **7** کان **8** دفعا چيائين: هي اهو ئي آهي، هي اهو ئي آهي، يعني طاعون جو مرض آهي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مان ڳالهائي تہ نہ پئي سگهيس، پر دل ۾ پڪو يقين هو تہ مون کي نہ طاعون آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن ٿيندو.

هي يقين ڪين چو هو؟ انڪري تہ حديث پاڪ ۾ هڪ دعا سيکاري وئي آهي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد پاڪ آهي تہ جيڪو شخص ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا شخص کي ڏسي هيءَ دعا پڙهندو تہ اهو يعني پڙهڻ وارو ان مصيبت کان محفوظ رهندو. اها دعا هيءَ آهي:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ عَافَانِىۡ مِمَّا ابۡتَلَاكَ بِهٖ وَفَضَّلَنِىۡ عَلٰى كَثِيۡرٍ مِّمَّنۡ خَلَقَ تَفۡضِيۡلًا

ترجمو: الله پاڪ جو شڪر آهي، جنهن مون کي هن مصيبت کان عافيت ڏني، جنهن ۾ توکي مبتلا ڪيو ويو آهي ۽ مون کي پنهنجي تمام وڏي مخلوق تي فضيلت عطا فرمائي.

**اعليٰ حضرت** رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه **فرمائن ٿا:** مان طاعون واري مريض کي ڏسي اها دعا پڙهي چڪو هئس، ان ڪري مون کي پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان تي مڪمل يقين هو تہ مون کي ڪڏهن بہ طاعون نہ ٿو ٿي سگهي. فرمائن ٿا: رات جو وقت هو، بيماري زور تي هئي، تڪليف تمام گهٽي ٿي رهي هئي، مون دل ئي دل ۾ دعا گهري: اَللّٰهُمَّ صَدِّقِ الۡحَبِيۡبَ وَكَذِّبِ الطَّبِيۡبَ اي الله پاڪ! حبيبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو سچو هجڻ ۽ طبيب جو ڪوڙو هجڻ ظاهر فرماءِ. اجان اها

دعا گُهري ئي هئي ته ڪن ۾ آواز آيو: مِسواڪ ۾ ڪارا مِرچ. اَلْحَمْدُلله! ڪارا مرچ پِيهي ان سان مِسواڪ ڪيم، اللّٰه پاڪ شِفا عطا فرمائي ڇڏي.(1)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙو نه ڪمال آهي...!! هڪ طرف سندن ڪامل اِيمان آهي ته محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان تي يقين رکندي، ڊاڪٽر جي تشخيص کي رد ڪري رهيا آهن، ٻئي طرف اللّٰه پاڪ جي خاص تائيد ۽ مدد ڏسو! غائبانه طور تي ڪين علاج ٻه ٻڌايو ويو ۽ پاڻ شِفا ياب ٻه ٿي ويا.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جهاز ٻڏڻ ڪان بچي ويو

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جڏهن پهريون دفعو پنهنجي والدين سان گڏ حج ڪرڻ لاءِ ويا هئا. ان وقت سندن عمر مبارڪ 22 سال ۽ ڪجھ مهينا هئي. هي سفر جيئن ته سامونڊي جهاز جي ذريعي هو، واپسي تي سمنڊ ۾ ٽن ڏينهن تائين لڳاتار سخت طوفان رهيو، ايترو ته شديد طوفان هو جو ماڻهو اميد لاهي وينا هئا ۽ ڪفن پائي ڇڏيا هئائون. سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان وقت والده ماجده جي بيچيني ڏسي، انهن جي تسلي جي لاءِ بيساخته منهنجي زبان مان نڪتو: اوهان اطمينان رکو، خدا جو قسم! هي جهاز نه ٻڏندو. هاڻي ٿورو صورتحال کي تصور ۾ آڻي غور ڪريو! هڪ طرف اها حالت آهي جو ماڻهو اميد لاهي ڪفن پهري چڪا آهن ۽ ٻئي طرف سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن، جيڪي قسم کڻي چئي رهيا آهن ته هي جهاز نه ٻڏندو. اهڙو قسم اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڇو کنيو هو؟ ان جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: اهو قسم مون ان حديث جي اطمينان تي کنيو هو، جنهن ۾ ٻيڙِيءَ تي سوار ٿيڻ وقت ٻڏڻ ڪان حفاظت جي دعا ارشاد ٿيل آهي. مون اها دعا پڙهي هئي، تنهنڪري حديث پاڪ جي سچي واعدي تي مطمئن هئس.(2)

---

1... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:69 و71 ملتقطًا خلاصۃً۔

2... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:181، 182 خلاصۃً۔

سُبْحٰنَ اللّٰہ! قربان وڃجي! سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي اهڙي ڪامل يقينِ تي. شايد هي سندن يقينِ ڪامل جي ئي برڪت هئي جو اهو طوفان، جيڪو ٽن ڏينهن کان هلي رهيو هو، پن گهڙين ۾ مڪمل طور تي رڪجي ويو ۽ جهاز نجات حاصل ڪئي.

اَلْبَحْرُ عَلَا وَ الْمَوْجُ طَغٰی، مَنْ بے کَسُ و طُوفَاں هَوْش رُبا

مَنْجْدھار میں ھُوں بِگْڑِی ہے هَوا، مَوْرِیْ نَیَّا پَار لگا جانا(1)

**وضاحت:** يعني يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! سمنڊ ۾ طوفان برپا آهي، پاڻي جون لهرون جوش ۾ آهن، مان بيڪس آهيان ۽ طوفان اهڙو آهي جو ماڻهوءَ جا هوش خطا ٿي وڃن. يا رسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اهڙي حالت ۾ منهنجي ٻيڙي وِچَ سمنڊ ۾ ڦاسي پئي آهي، هوا بہ مخالف رُخَ ڏانهن هلي رهي آهي، هاڻي بس اوهان جو ئي سهارو آهي، منهنجي ٻيڙي پار لڳايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه مان هي ڪجهه مثال پيش ڪيا ويا، اوهان اندازو لڳايو! هي انهيءَ ئي آيتِ ڪريمہ جو فيضان آهي، جيڪو اوهان جي سيرتِ پاڪ ۾ واضح نظر اچي رهيو آهي تہ:

| | |
|---|---|
| اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ (پارو: 28، المجادلہ: 22) | ترجمو ڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي. |

## ڪامل ايمان جي ڪوشش ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ اسان جي لاءِ درس آهي، اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجو اِيمان مضبوط ڪريون، اللّٰه ۽ رسول جي فرمان تي يقين پختو

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:43۔

ڪريون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! غيب مان تائيد ۽ مدد حاصل ٿيندي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۹﴾ (پارو: 4، آل عمران: 139)

ترجمو ڪنز العرفان: جيڪڏهن توهان اِيمان وارا آهيو تہ توهان ئي غالب ايندؤ.

يعني اي مسلمانو...!! اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا غلامو...!! غالب اوهان ئي رهندؤ، بس هڪ شرط آهي: سچي اِيمان وارا ٿي وڃو! الله پاڪ تي ڪامل ڀروسو رکڻ وارا بڻجي وڃو...!! هيءُ هڪ شرط پوري ڪئي وڃي، اِيمان سچو ۽ يقين پڪو ڪيو وڃي تہ، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مسلمان هميشہ غالب رهندو.

غُلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں، نہ تدبیریں
جو ہو ذوقِ یقیں پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں (1)

**وضاحت:** انسان جڏهن غلام بڻجي ويندو آهي تہ نہ تلوارون ڪم ايندڙيون آهن ۽ نہ ئي عقلمندن جون تدبيرون ڪم ايندڙيون آهن، هي فقط ذوقِ يقين آهي، جيڪو نصيب ٿي وڃي تہ هر مشڪل جو حل نڪري ايندو آهي.

## موجوده دور جو سڀ ڪان وڏو مسئلو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش اسان کي بہ اهڙو پڪو يقين نصيب ٿي وڃي! اڄ جي دور جو سڀ ڪان وڏو مسئلو جيڪڏهن ڏسجي تہ اهو آهي بي يقيني واري ڪيفيت. اڄ امتِ مسلمہ مجموعي طور تي ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار آهي: ۞ غربت عام آهي ۞ مشڪلاتون آهن، هر ٻيو ماڻهو مشڪلاتن ۾ ڦاٿل آهي ۞ لڙايون ۽ جهيڙا آهن ۞ نااتفاقي آهي ۞ دنيا ۾ ڪيترين جاين تي تہ مسلمان ويچارا ظلم ۽ ستم جو شڪار آهن. الله پاڪ انهن جي غيب مان مدد فرمائي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مسلمانن تاريخ ۾ شاندار ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، الله

---

1... ڪليات اقبال، بانگ درا، صفحہ:301-

ڪريم مسلمانن کي وڏي شان ۽ شوڪت سان نوازيو آهي، پر هاڻي حالتون ڪجھ مختلف آهن. انهن جو سبب ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن ان تي تجزيو ڪيو وي تہ ڪيترائي سبب اسان کي نظر ايندا، پر انهن سڀني حالتن جي هڪ وجھ، جنهن کي شايد سڀ کان وڏي وجھ بہ چئي سگهجي ٿو اها بي يقيني آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد عاليشان ٻڌو! **مشهور صحابئ رسول حضرت ابو هريره** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ روايت ڪن ٿا تہ رسولِ اڪرم نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **فرمايو:** مَا اَخَافُ عَلٰی اُمَّتِی اِلَّا ضِعْفَ الْیَقِیْنِ يعني مون کي پنهنجي امت تي ڪو خوف نہ آهي، سواءِ يقين جي ڪمزوري جي. (1)

هڪ ٻي حديث پاڪ ٻڌو! اسان جي نبي سڳوري صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: نَجَا اَوَّلُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ بِالْیَقِیْنِ وَالزُّهْدِ هن امت جا اڳيان ماڻهو يقين ۽ دنيا کان بي رغبتيءَ جي سبب نجات حاصل ڪري ويا، وَیَهْلِكُ آخِرُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ بِالْبُخْلِ وَالْاَمَلِ ۽ هن امت جي آخر ۾ اچڻ وارا بخل ۽ ڊگهين اميدن جي ڪري هلاڪ ٿي ويا. (2)

الله پاڪ اسان کي ڪامل اِيمان ۽ پڪو يقين نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## ڪامل ايمان جي هڪ نشاني

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان آيتِ ڪريمہ ٻڌي، ربّ ڪريم فرمائي ٿو:

اُولٰٓىٕكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ (پارو: 28، المجادلہ: 22)

ترجمو ڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

---

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:24، حدیث:9۔

2... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:19، حدیث:3۔

هاڻي آيتِ ڪريمہ تي هڪ ٻئي انداز سان غور فرمايو! الله پاڪ فرمايو: أُولٰٓئِكَ يعني اهي ماڻهو. سوال آهي: ڪهڙا ماڻهو؟ الله پاڪ فرمايو:

لَا تَجِدُ قَوْمًا یُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْیَوْمِ الْاٰخِرِ یُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَوْ كَانُوْۤا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِیْرَتَهُمْؕ (پارو: 28، المجادلہ: 22)

ترجمو ڪنزالعرفان: تون اهڙن ماڻهن کي نہ ڏسندين جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي اِيمان رکندا هجن، جو انهن ماڻهن سان دوستي ڪن جن الله ۽ ان جي رسول سان مخالفت ڪئي پوءِ ڀلي اهي انهن جا پيءُ، يا انهن جا پٽ يا انهن جا ڀائر يا انهن جي خاندان وارا هجن.

يعني اي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، جيڪو بہ اوهان جو غلام آهي، اوهان تي اِيمان آڻڻ وارو آهي، الله پاڪ تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي اِيمان آڻڻ وارو آهي، ايئن ٿي ئي نہ ٿو سگهي تہ هو الله ۽ ان جي رسول جي دشمنن سان دوستي رکي. پوءِ اهي الله ۽ رسول جا دشمن سندس ڪيترا بہ ويجها ڇو نہ هجن، چاهي اهو سندس پيءُ هجي، پٽ هجي، ڀاءُ هجي يا خاندان جو ڪو بہ فرد هجي، جيڪو الله ۽ رسول جو دشمن آهي، ڪامل اِيمان وارو ان سان دوستي رکي ئي نہ ٿو سگهي ۽ جيڪو اهڙي ڪامل اِيمان وارو هوندو آهي، جيڪو سندن دشمنن سان دوستي نہ رکندو آهي، ان جو عشق کيس مجبور ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سندس نظريو هي بڻجي ويندو آهي تہ:

اپنا عزیز وہ ہے جسے تُو عزیز ہے | ہم کو ہے وہ پسند جسے آئے تُو پسند[1]

جيڪو اهڙي ڪامل اِيمان وارو آهي، ان کي ڪهڙن ڪهڙن انعامن سان نوازيو ويندو آهي؟ ربِّ ڪريم فرمائي ٿو:

---

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:126۔

اُولٰٓىِٕكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَ اَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ وَ يُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ اُولٰٓىِٕكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۲۲﴾ (پارو: 28، المجادله: 22)

ترجموڪنزالعرفان: هِي اُهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله اِيمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي ۽ اُهو انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل فرمائيندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن انهن ۾ هميشه رهندا، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا، اُهي الله جي جماعت آهن، ٻڌو! الله جي جماعت ئي ڪامياب آهي.

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه هن آيتِ ڪريمه جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: هن آيت ڪريمه ۾ صاف صاف فرمايو ويو آهي ته جيڪو الله ۽ رسول جي بارگاهه ۾ گستاخي ڪري، مسلمان ان سان دوستي نه ڪندو. جنهن جو واضح مطلب اهو ٿيو ته جيڪو ان سان دوستي ڪندو، اهو مسلمان نه هوندو. پوءِ هن حڪم جو بلڪل عام هجڻ بِالتَّصۡرِيۡح (يعني وضاحت سان) ارشاد فرمايو ته پيءُ، پٽ، ڀاءُ، عزيز سڀني کي شامل ڪيو ويو، يعني ڪو اوهان جي نظر ۾ ڪيترو به معزز يا فطرتاً محبوب ڇو نه هجي، جيڪڏهن اِيمان آهي ته گستاخي ڪان پوءِ ان سان محبت نه ٿا رکي سگهو، ان جو مانُ ۽ مرتبو نه ٿا مڃي سگهو، نه ته مسلمان نه رهندؤ. الله پاڪ جو ايترو فرمائڻ ئي مسلمانن لاءِ ڪافي هو، پر ڏسو هُو اوهان کي پنهنجي رحمت ڏانهن سڏي رهيو آهي، پنهنجين عظيم نعمتن جي لالچ ڏياري رهيو آهي ته جيڪڏهن اوهان الله ۽ رسول جي عظمت آڏو ڪنهن جو لحاظ نه رکيو، ڪنهن سان تعلق نه رکيو ته اوهان کي ڪهڙا ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا:

**(1):** الله پاڪ اوهان جي دلين ۾ اِيمان نقش ڪري ڇڏيندو، جنهن ۾ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سُٺي خاتمي جي عظيم خوشخبري آهي، ڇاڪاڻ ته الله پاڪ

جو لکيل متجندو نہ آهي **(2):** اللہ پاڪ روح القدس سان توهان جي مدد فرمائيندو **(3):** توهان کي هميشہ رهڻ وارين جنتن ۾ وٺي ويندو، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن **(4):** اوهان خدا جي جماعت سڏيا ويندؤ، خدا وارا بڻجي ويندؤ **(5):** مَنَ گُهرِيون مرادون ماڻيندؤ بلڪ اميد، خيال ۽ گمان کان ڪروڙين درجا وڌيڪ ماڻيندؤ **(6):** سڀ کان وڌيڪ هي تہ اللہ پاڪ اوهان کان راضي ٿيندو **(7):** هي تہ فرمائي ٿو: مان اوهان کان راضي، اوهان مون کان راضي. ٻانهي جي لاءِ ان کان وڌيڪ نعمت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي تہ سندس رب ڪانئس راضي ٿئي، پر بنده پروري جي انتها اها آهي تہ فرمايو ويو: اللہ انهن کان راضي ۽ اهي اللہ کان راضي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ڪامل اِيمان جي تقاضائن مان هڪ اها بہ آهي تہ ٻانهو اللہ ۽ رسول جي گستاخن، بدمذهبن ۽ بي دينن سان محبت نہ رکي، انهن سان دوستيون نہ نڀائي، انهن سان ميل ملاقات نہ رکي، بلڪ اهو پڪو ذهن بڻائي ڇڏي تہ:

جو ان کا ہے ہمارا ہے، یہی دِل کو بتایا ہے
عَدُو سے اُن کے دِل کی دوستی ہونے نہیں دیتے

## گستاخن سان ڪا بہ محبت نہ آهي

اَلْحَمْدُلله! سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِعَلَیْہ هن وصف ۾ بہ وڏو ڪمال رکندا هئا. هن معاملي ۾ بہ اللہ پاڪ جي سندن مٿان وڏي عنايت هئي. پاڻ فرمائن ٿا:

اَلْحَمْدُلله! مون کي ننڍپڻ کان ئي اللہ ۽ رسول جي دشمنن سان نفرت آهي ۽ اللہ پاڪ جو فضل آهي تہ اها نفرت منهنجي ٻارن جي ٻارن کي بہ گُهٽي يعني سُتِيءَ ۾ پياري وئي آهي.

[1] ... فتاوٰی رضویہ، جلد:30، صفحہ:312 بتغیر قلیل۔

## گستاخ رسول جي لاءِ دل ۾ نفرت

هڪ دفعي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ اڪيلا گِهٽِيءَ ۾ وينا هئا، سامهون هڪ عربي شخص اچي رهيو هو. سندن عادت هئي تہ اهلِ عرب جي عزت ڪندا هئا، ڪنهن عربي کي ڏسي وٺندا هئا تہ اُٿي بيهي ان جي تعظيم ڪندا هئا، چاڪاڻ تہ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم عربي آهن.

تنهنڪري عربي شخص کي ايندو ڏسي پاڻ اٿڻ چاهيائون، پر دل ۾ ڪراهت محسوس ٿي، دل چيو تہ نہ اٿو...!! اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ ان کي شيطان جو وارُ سمجهيو ۽ دل جي نہ ٻڌي اٿي بيٺا، عربي شخص سان مليا، وينا، ان سان ڪجھ ڳالهيون ڪيائون تہ معلوم ٿيو تہ اهو وڏو ڪَٽَر گستاخِ رسول آهي. **فرمائن ٿا:** مون ان کي پاڻ کان پري ڪيو ۽ دل کي شاباس ڏني تہ اللّٰہ ۽ رسول جي گستاخن سان اهڙي ئي نفرت رکڻ گهرجي. (1)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ان ۾ بہ اسان جي لاءِ سبق آهي، اسان کي گهرجي تہ اللّٰہ ۽ رسول جي دشمنن سان دشمني ۽ دوستن سان دوستي رکون. اڄڪلھ حالتون ڪجھ مشڪل آهن، سوشل ميڊيا جو دور آهي، غير مسلم طرح طرح سان مسلمانن ۾ فتنا پکيڙي رهيا آهن، اهڙين حالتن ۾ ضروري آهي تہ اسان پنهنجي اِيمان جي حفاظت ڪريون ۽ ان جو بهترين طريقو اهو آهي تہ حديث پاڪ ۾ ڏنل هي اصول پنهنجو پاڻ تي نافذ ڪريون تہ: اَلۡحُبُّ فِی اللّٰہِ وَالۡبُغۡضُ فِی اللّٰہِ يعني ڪنهن سان دوستي رکٽي آهي تہ اللّٰہ جي رضا جي لاءِ ۽ ڪنهن سان نفرت ڪرٽي آهي تہ اها بہ صِرف ۽ صِرف اللّٰہ جي رضا جي لاءِ. (2)

## چا منهنجي دشمن سان دشمني بہ رکي ...؟

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: **حديث پاڪ ۾ آهي:** قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي حساب جي لاءِ اللّٰہ پاڪ جي حضور ۾ پيش ڪيو ويندو، سوال

1...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:169۔

2...ابو داؤد، کتاب السنۃ، باب مجانبۃ اہل الہواء و بغضہم، صفحہ:725، حدیث:4599۔

تيندو: ٻڌاءِ چا ڪيو اٿئي؟ عرض ڪندو: ۞ مون فرض نمازن سان گڏوگڏ هيتريون نفل نمازون به پڙهيون آهن ۞ رمضان جا روزا تہ رکندو ئي هئس، گڏوگڏ هيترا نفلي روزا بہ رکيا آهن ۞ زڪوٰت تہ ڏيندو هئس، پر ان سان گڏوگڏ هيترو نفلي صدقو بہ ڪيو آهي ۞ فرض حج ادا ڪيو، ان ڪان پوءِ بہ هيترا نفلي حج ڪيا آهن. مطلب تہ هو پنهنجا نيڪ اعمال ٻڌائيندو ويندو، آخر ۾ الله پاڪ فرمائيندو: هَلْ وَالَيْتَ لِيْ وَلِيًّا وَعَادَيْتَ لِيْ عَدُوًّا چا تون منهنجي لاءِ منهنجي دوست سان دوستي ۽ منهنجي دشمن سان دشمني رکي...؟ (1)

الله! الله! غور فرمايو! ۞ نمازون بہ آهن ۞ روزا بہ آهن ۞ حج بہ آهي ۞ زڪوٰت بہ آهي ۞ صدقو ۽ خيرات بہ آهي ۞ نفلي عبادتون بہ آهن، تَنهِنجي باوجود ڳالهہ ان تي ٽي مڪمل ٿئي تہ الله ۽ رسول جي دشمنن سان نفرت بہ ڪئي يا نہ...؟ معلوم ٿيو تہ سموري زندگي جون عبادتون هڪ طرف، الله ۽ رسول جي محبت ٻئي طرف...!! جيڪڏهن اها محبت آهي تہ عبادت قبول آهي، جيڪڏهن اها محبت ناهي تہ عبادت بيڪار آهي.

الله پاڪ اسان کي درست سمجهہ ۽ ڪامل اِيمان نصيب فرمائي، الله پاڪ اسان کي پنهنجي سچي پڪي محبت ۽ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ڪامل عشق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## فتاوٰي رضويہ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي *I.T* ڊپارٽمينٽ پاران مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن. تازو ئي هڪ شاندار موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي،

[1]...ملفوظات اعلیٰ حضرت صفحہ:164و 165۔

جنهن جو نالو آهي: فتاوٰي رضويہ **(Fatawa Razwia)**. ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ فتاوٰي رضويہ جا سمورا جِلد شامل آهن ۽ هر جِلد ۾ شامل رسالن ۽ موضوعن جي مختصر فهرست بہ شامل ڪئي وئي آهي ۞ فتاوٰي رضويہ جا سمورا رسالا (جيڪي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ڪانئن پڇيل سوالن جي جوابن ۾ تحرير فرمايا هئا) انهن جي الڳ فهرست بہ موجود آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ تمام عمده فيچر ايڊوانس سرچ ***(Advanced Search)*** جو آهي، جنهن جي ذريعي پنهنجي گهربل ڳالهہ کي تمام آساني سان تلاش ڪري سگهجي ٿو، ڪنهن خاص جِلد يا خاص رسالي ۾ بہ سرچ ڪرڻ جي سهولت موجود آهي ۞ جِلد منتخب ڪري ان ۾ گهربل صفحي ***(Page)*** تي بہ وڃي سگهجي ٿو ۞ لفظن جو فونٽ سائز ***(Font Size)*** بہ پنهنجي مرضي مطابق ترتيب ڏئي سگهجي ٿو ۞ ايپلي ڪيشن ۾ پنهنجي پسنديدهہ ڳالهہ کي نوٽس ***(Notes)*** جي فيچر ۾ لکي محفوظ ڪري سگهجي ٿو ۽ پسنديده ***(Favorites)*** لسٽ ۾ شامل ۽ شيئر ***(Share)*** بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان کي ختم ڪرڻ کان اڳ هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام جي ذهنن ۾ پلجندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** مسجد جي چندي مان ربيع الاول جو چراغان ڪرڻ جائز نہ آهي.

**وضاحت:** اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! ربيع الاول شريف جي آمد آمد آهي، الله پاڪ جو فضل آهي تہ عاشقانِ رسول ربيع الاول شريف ۾ گهرن، مسجدن ۽ محلن کي سينگاريندا آهن، هي سينگارڻ بلڪل جائز بلڪ ثواب جو ڪم آهي. هڪ مسئلو ڄڻو ۽ سمجهو تہ مسجد جي چندي مان ربيع الاول جي چراغان ڪرڻ جائز نہ آهي. اصول هي آهي تہ چندو صرف انهيءَ ئي ڪم ۾ خرچ ڪري

سگهجي ٿو، جنهن ڪم لاءِ گڏ ڪيو ويو هجي. عام طور تي مسجد جو چندو چراغان لاءِ نہ پر مسجد جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري ان مان چراغان ڪرڻ جائز نہ آهي. ها! جيڪڏهن چندو ونڻ وقت ڏيڻ واري کان اجازت ورتي وڃي تہ اوهان جو هي چندو ربيع الاول جي چراغان ۾ بہ خرچ ڪري سگهجي ٿو، تڏهن ان چندي مان چراغان ڪري سگهجي ٿو. بهتر ۽ بچت واري صورت اها آهي تہ چراغان لاءِ الڳ چندو ڪيو وڃي ۽ چراغان ڪرڻ ۾ جيڪا بہ بجلي خرچ ٿئي، ان جا پئسا بہ انهيءَ ئي چندي مان ادا ڪيا وڃن.(1)

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسماءُالحُسنيٰ جون بَرَڪَتُون (وظيفو)

## يَا مُنْتَقِمُ، يَا عَفُوُّ

(اي سخت سزا ڏيڻ وارا! اي معاف فرمائڻ وارا!)

الله نہ ڪري، جيڪڏهن ڪنهن سان دشمني هلي رهي آهي ۽ اها ختم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ 3 جمعن تائين يَا مُنْتَقِمُ، يَا عَفُوُّ ڪثرت سان پڙهو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دشمني دوستي ۾ بدلجي ويندي.(2)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...دارالافتاء اہلسنت، فتوٰی نمبر:Aqs-904 خلاصۃً۔

[2]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:257۔